LEGAL AID OFFICE

SINDH PRISONS

## جيل جا قانون

# ملاقات/ملڻ جو حق

هي معلومات توهان کي ليگل ايڊ افس ۽ سنڌ جي جيل کاتي جي مدد سان ڏني پئي وحي.
هي ڪتابچه وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ (حڪومت سنڌ) جي ساهڪار سان ڇپرايو ويو آهي.

## پيراليگل سروسز

قانوني مدد ۽ رهنمائي لاءِ اوهان ليگل ايڊ سوسائٽي سان ڳنڍيل وڪيلن سان رابطو ڪري سگهو ٿا جيڪي روزانو جيل ۾ ايندا آهن، وڌيڪ معلومات لاءِ جيل جي سپرنٽنڊنٽ سان رابطو ڪري سگهوٿا

ليگل ايڊ سوسائٽي پيراليگل ٽريننگ پروگرام پڻ ڪرائي ٿي، اهي پراليگل اوهان کي مفت قانوني مدد لاءِ ڪنهن وڪيل سان رابطو ڪرائي سگهن ٿا جيڪو توهان جي ڪيس ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ۽ اهي (ليگل ايڊ سوسائٽي پاران تربيت ڏنل) پيراليگل جيل اندر پيدا ٿيندڙ جهيڙن کي حل ڪرائڻ ۾ پڻ مدد ڏئي سگهن ٿا، انهن پراليگلز کي قانون، آئين، بنيادي حقن، ڏوهه جي قانونن ۽ ڏوهي ڪيسن جي ٻڌڻي، سزا ڏيڻ جي عمل، پوليس جي اختيارن، شهرين جي حقن ۽ ڪرمنل پروسيجر، خاندان جو قانون، وراثت، جائيداد جي قانونن، ٻارن جا قانون، پروبيشن، پرول ۽ قيدين جي قانونن بابت تربيت ڏني ويندي آهي.

اوهان ڪنهن کي به چئي سگهو ٿا ته هو 0800-70806 تي فون ڪري مفت قانوني صلاح وٺي سگهي ٿو، اهو اوهان جو مددگار به ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو قانوني مسئلو درپيش آهي ته ان کي به منهن ڏئي سگهي ٿو.

## جيل ۾ منع ڪيل شيون

- موبائيل فون ۽ ٻيا اليڪٽرانڪ رابطي جا ذريعا
- شراب ۽ هر قسم جو الڪوحل
- هر قسم جو ڌماڪيدار مادو، نشيدار يا زهريلو مواد، هر قسم جو ڪيميائي مادو نهرو يا پاٿيانو
- هر قسم جا هٿيار، اهڙي قسم جا اوزار جيڪي هٿيار طور استعمال ڪري سگهجن.
- هر قسم جا قيمتي ڌاتو، سون، چاندي، سڪا، زيور، مالي نوٽ، سيڪيورٽيز ۽ هر قسم جا قيمتي دستاويز
- سمورا ڪتاب، پنا ۽ لکت وارو مواد (خاص طور تي جنهن تي صوبائي حڪومت طرفان پابندي لاڳو هجي، هر قسم جا ڇپائي ۽ لکت جا سمورا اوزار( اجازت صرف شق 387 (تحت سپرنٽنڊنٽ ڏئي سگهي ٿو)
- رسيون، زنجيرون، بانس ۽ هر قسم جو سامان جنهن کي رسي يا زنجير ۾ بدلائي سگهجي، ڪوبه اهڙو سامان جيڪو جيل مان ڀڄڻ ۾ مدد ڏئي سگهي
- ڪاٺ، سرون، پٿر ۽ هر قسم جي مٽي

## چا آئون جيل ۾ هجڻ مهل پنهنجي ماءٽن ۽ دوستن سان ڳالهاي/رابطو ڪري سگهان ٿو؟

سزا ڏنل هر نئين قيدي کي اپيل تيار ڪرائڻ، نظرثاني يا ضمانت وٺڻ ۾ مدد لاءِ پنهنجي مائيٽن، دوستن يا قانوني صلاحڪار سان رابطي يا روبرو ملاقات جي اجازت هوندي. هن کي هڪ يا به يا جيترا به پيرا سپرنٽنڊنٽ ضروري سمجهي، پنهنجي جائداد جي سار سنڀال ۽ گهريلو ڪمن جي سارسنڀال لاءِ پنهنجي ماءٽ يا دوستن کي خط لکڻ يا روبرو ملڻ هفتي ۾ هڪ دهو جي اجازت هوندي (شق 538 جيل مينوئل) عام طور تي هڪ خط ۽ هڪ ملاقات جي هر قيدي کي اجازت هوندي آهي، خط ملڻ جي انگ تي ڪابه پابندي ناهي، قيدي کي هڪ رعايت طور پنهنجي خرچ تي مهيني ۾ به خط موڪلڻ جي به اجازت هوندي _ شق 543، 544، جيل مينوئل

هڪڙي ملاقات ۾ هڪ قيدي سان 6 کان وڌيڪ بالغ ماڻهن کي ملڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، قيدي سان ملاقات جي خواهش رکندڙ هر فرد کي پنهنجو نالو ۽ پتو ٻڌائڻو پوندو ۽ جيڪڏهن اها ملاقات جيل اندر ٿيندي ته ڪيس تلاشي واري مرحلي مان به گذرڻو پوندو. (رول 554، 555) جيل مينوئل

ملاقات جو وقت عام طور تي 30 منٽن کان وڌيڪ ناهي هوندو پر اهو سپرنٽنڊنٽ جي مرضي سان وڌائي به سگهجي ٿو، قيدي جي ملاقات کان اڳ ۽ پوءِ پڻ تلاشي ورتي ويندي، اها تلاشي ملاقات لاءِ ايندڙن جي سامهون ورتي ويندي _ شق 558، 559 جيل مينوئل

## چا آئون جيل ۾ هجڻ وقت سرڪاري عملدارن سان ملي سگهان ٿو؟

قيدين کي سرڪار، انسپيڪٽر، جنرل يا ڪنهن ٻي سرڪاري عملدار سان سندن سرڪاري حيثيت ۾ ڪنهن شڪايت جي ختم ڪرڻ ازالي لاءِ رابطي جي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي، اهڙو رابطو صرف معاملي سان ڳنڍيل هوندو ۽ ان ۾ ڪوبه ڌمڪي آميز يا اڻ لاڳاپيل ڳالهه شامل نه هوندي _ شق 542 جيل مينوئل

## چا مونکي رابطي لاءِ سامان ۽ سهولت . ڏني ويندي.؟

لکت ۾ استعمال ٿيندڙ سامان جيئن: پوسٽ ڪارڊ ان قيدي کي ڏنو ويندو جنهن کي خط لکڻ جي اجازت هجي، اهي خط ان وقت ۽ ان جاءِ تي لکيا ويندا جنهن جي سپرنٽنڊنٽ اجازت يا موڪل ڏينهو، هفتي ۾ هڪ ڏينهن، جيئن جمع جو ڏينهن خط لکڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويندو، ٽپال جون ٽڪليون سرڪاري خرچ تي قيدي جي خط تي هنيون ويندي‌ون، (ش[ق 549جيل مينوئل

## چا مون کي پنهنجن رابطن ۾رلڪائڻ/رازداري رکڻ جي اجازت آهي؟

سزا ڪاٽل قيدي سان هر ملاقات هڪ اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ يا ڪنهن ٻي مقرر ڪيل عملدار جي موجودگي ۾ ٿيندي، سب ڳاله ٻولهه صرف ذاتي ۽ گهريلو معاملن تائين محدود رکي ويندي، ملاقات ڪنهن به وقت تي ختم ڪري سگهجي ٿي جيڪڏهن اتي موجود آفيسران کي ڪنهن سبب ضروري سمجهي. (شق 556-557) جيل مينوئل